| سطح | جوڙجڪ |
|---|---|
| ميونسپل ڪارپوريشن 3 لک کان 35 لک تائين آبادي واري شهري علائقن جي لاءِ | ميونسپل ڪارپوريش جي ان ۾ ميمبرن جو تعداد هيٺين ريت هوندو.<br>• متعلقه ميونسپل ڪارپوريشن جي حدن ۾ يونين ڪاميٽن جا منتخب چيئرمين ميونسپل ڪارپوريشن جا ميمبر هوندا.<br>• 22 سيڪڙو عورت ميمبرن جو تعداد<br>• 5 سيڪڙو هاري /مزدورن جو تعداد<br>• 5 سيڪڙو غير مسلم جو تعداد |
| ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ميٽروپوليٽن سٽي (ڪراچي) | ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي حدن ۾ يونين ڪاميٽن جا منتخب چيئرمين جا ميمبر هوندا.<br>• 22 سيڪڙو عورت ميمبرن جو تعداد<br>• 5 سيڪڙو هاري /مزدورن جو تعداد<br>• 5 سيڪڙو غير مسلم جو تعداد |

## ياد رکو!

نوٽ: 1، ميونسپل / ٽائون ڪاميٽي، ميٽروپوليٽن / ميونسپل/ ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ضلعي ڪائونسل جي لاءِ مخصوص سيٽن جي ميمبرن جي چونڊ سياسي تنظيمن طرفان انهن سيٽن تي فارم جمع ڪرايا ويندا، اميدوارن جون ترجيح بنيادن تي فهرستون ناهيون وينديون، جيڪي مطلقه سياسي تنظيم جي منتخب اداري جي جرنل ميمبرن تعداد جي تناسب سان ٿيندو.

2، ميونسپل / ٽائون ڪاميٽي، ميٽروپوليٽن / ميونسپل/ ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ضلعي ڪائونسل منتخب ميمبرن (جنرل ۽ مخصوص سيٽن) مان چيئرمين / وائيس چيئرمين، ميئر / ڊپٽي ميئر براءِ راست شو آف هينڊ جي ذريعي چونڊيا ويندا.

☆ يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪاميٽي ۾ چيئرمين / وائيس چيئرمين (بطور گڏيل اميدوار) عورتن، غير مسلم ۽ مزدور/هاري مخصوص سيٽن جي ميمبرن جي چونڊ يونين ڪائونسل/ يونين ڪاميٽي جا ووٽر براءِ راست چونڊ جي ذريعي ڪندا.

☆ يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪاميٽي ڪانسواءِ باقي ادارن ۾ عورتن، غير مسلمن، هاري/مزدور جي سيٽن تي چونڊ حصو وٺندڙ سياسي تنظيمون مقرر تاريخ تائين ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر وٽ پنهنجي اميدوارن جون فهرستون جمع ڪرائيندا، جنهن ۾ تعداد نالن سان گڏ شامل هوندا، تہ جيئن ڪنهن بہ اميدوار جي نااهلي/ وفات/ دستبرداري/ استعفيٰ جي صورت ۾ اميد وارن جي گهٽتائي سبب مشڪلاتون پيش نہ اچن.

☆ مخصوص سيٽن جا اميدوار مقرر تاريخ تائين پنهنجا ڪاغذ ۽ نامزدگي داخل ڪرائڻ وقت پنهنجي سياسي تنظيم طرفان مقرر ڪيل اميدوارن جي لسٽ پڻ جمع ڪرائيندا.

**Disclaimer**

هن مواد جي ڇپائي جو مقصد عوام کي مقامي حڪومتن جي نظام بابت آگاهي ڏيڻ آهي، هن مواد ۾ ڏنل معلومات ڪنهن بہ صورت ۾ ہيو منسلڪ قانون جو متبادل نہ آهي ۽ هي مخصوص اداري جي ماهرن جي راءِ جي عڪس آهي، ان مواد جي تياري ۾ تمام احتياط رکيو ويو آهي، (فاسٽ رورل ڊولپمينٽ پروگرام) ڇپائيندڙ هن مواد جي قانوني حيثيت يا ڪنهن بہ قسم جي تضاد کان آجو آهي.

FRDP
FAST RURAL
Development Program



# سنڌ ۾ مقامي حڪومتن جو ڍانچو ۽ جوڙجڪ

## کهاٽيون نہ ہڌايو مقامي حڪومت جي اليڪشن ڪرايو